© rasailojaraid.com



ڪيا اهن، ان ڪي پيءُ، مڙس، ڀاءُ، اولاد يا ويجهن رشتيدارن کان جيڪو مال ملي ٿو ان ۾ڀي ڪنهن جو به حصو نه هوندو آهي. ان کي اهو قانوني طور خرچ ڪرڻ جو مڪمل اختيار هوندو آهي وراثت جي حوالي سان عورت لاءِ مرد جي نسبت اڌ حصو رکيو ويو آهي ۽ انجي هي وجه بيان ڪئي ويندي آهي.

عورت ڪي سنڀال ۽ مهر جا حق جن کان مرد محروم آهي عورت جي سنڀال اتي صرف مڙس تي نه پر مڙس نه هجڻ جي صورت ۾ پيءُ ڀاءُ پٽ يا ٻين رشتيدارن تي به واجب هوندي آهي، تنهن لاءِ جنهن عورت تي اهي ذميواريون نه اهن ته وراثت ۾ به ان جو اهو حصو نه هجڻ کپي جيڪو عورت جو آهي."(3)

## مولانا ابولاعلي مودودي اڳتي لکن ٿا ته:

پلي اها ڪيڏي به مالدار هجي پر انجو مڙس انجي ڪفالت يا سنڀال جو ذميوار آهي، اهڙي طرح اسلام ۾ عورت جي معاشي حيثيت ايڏي ته مضبوط ٿي وئي آهي جو ڪڏهن ڪڏهن هو مرد کان به بهتر حالت ۾ هوندي آهي.

(4)

عورتن جي ملڪيت جي حوالي سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي "ميري ڪربائنس جيڪو (مصر جي گڏيل ٽربيونل جو سابق امريڪي جج هو) پنهنجي مقالي ۾ جنهن جو عنوان هو " محمد صلي الله عليه واله وسلم جن

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



عورت لاءِ ڇا ڪيو“ ۾ ھي اعتراف ڪيو اھي عورتن جي حقن جي سلسلي ۾ محمد صلي الله عليہ والہ وسلم جن جو شاندار ڪارنامو اھو ملڪيت جو حق اھي جيڪو ھن پنھنجي امت جي عورتن کي عطا ڪيو اھي. عورت جو قانوني حق اھو اھي جيڪو انجي مڙس جو اھي، جيتري تائين ھڪ مسلمان جي زال جي ملڪيت جي حق جو تعلق اھي تہ انکي اھا ازادي حاصل اھي جيڪا ڪنھن پکي کي اڏرندي حاصل ھوندي اھي، اسلامي قانون ان ڳالھ جي اجازت ڏئي ٿو تہ عورت پنھنجي مڙس جي اجازت کانسواءِ پنھنجي مال ملڪيت کي دستور مطابق جھڙي طرح چاھي خرچ ڪريز(5) مالي حقن جي حوالي سان اسلامي معاشري ۾ عورتن کي طلاق کانپوءِ بہ ھي حق حاصل اھي تہ مرد ان کان انجي رھائش نٿو کسي سگھي. ان سلسلي ۾ قران پاڪ جي سورت طلاق ۾ حڪم ڏنو اھي تہ :

” جڏھن توھان عورتن کي طلاق ڏيو تہ عدت جي شروع ۾ طلاق ڏيو ۽ عدت جو ڳاڻيتو رکو ۽ الله پنھنجي پروردگار کان ڊڄو (نہ تہ توھان ئي) انھن کي (عدت وارن ڏينھن ۾) گھرن کان ڪڍو ۽ نہ اھي (پاڻ ئي) نڪرن“(6)

جيڪڏھن عورت بيواھہ ٿئي ان جو مڙس وفات ڪري وڃي اھڙي صورت ۾ بہ ان جو گھر ان جي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ملڪيت ۾ ئي رهڻ ڏنو ويندو ويجهي عرصي ۾ مصر ۾ لبيا ۾ سورت طلاق جي حوالي سان عورتن جي هڪ ٻي حق جو تعين ڪيو ويو اهي ۽ اهو هي اهي ته شادي ڪانپوءِ هو جنهن گهر ۾ رهي ٿي اهو مڙس جي موت ڪانپوءِ يا طلاق ڪانپوءِ انجي ملڪيت ۾ شامل ٿي وڃي ٿو.(7) انهن ملڪن ۾ ان قانون لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ هي خوشگوار نتيجو نڪتو اهي ته اتي طلاق جي شرح گهٽ ٿي وئي اهي.مرد جيڪي پنهنجي عورتن کي بغير سوچڻ سمجهڻ جي طلاق ڏئي ڇڏيندا هئا هاڻي انهن کي ائين ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪيترا ڀيرا سوچڻو پوي ٿو ڇو ته اهڙي صورت ۾ خود انهن کي ٻي گهر ڳيٺو پوي ٿو. اهو خوشگوار نتيجو اسلامي تعليمات جي عين مطابق اهي اسلام ۾ طلاق هڪ ناپسنديده عمل اهي. هن قانون وسيلي ان اڻوڻندڙ عمل جي خاتمي ۾ مدد ملي اهي اسانجي معاشري ۾ ٻه طلاق جي شرح تمام گهڻي اهي، انجي خاتمي لاءِ اهڙي قسم جي قدمن جي سخت ضرورت اهي.(8)

اسلام عورت کي هينئيان مالي حق ڏئي ٿو جن جي بنياد تي هو هڪ ازاد خودمختيار حيثيت سان مردن جي معاشي دٻاءُ کان محفوظ زندگي گذاري سگهي ٿي. بلڪ اسلام مردن کي پابند ڪري ٿو ته اهي عورتن جي ان مالي حق ۾ ڪنهن ٻه قسم جو تصوف ۽ رڪاوٽون نتا وجهي سگهن.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



اسلام عورتن کي ملڪيت جو حق اڪتساب جو حق حق مهر ۽ وراثت جي حق جهڙا مالي حق ڏئي ٿو ته جيئن هو پنهنجي زندگي خوشگوار گذاري سگهي ۽ مردن جي دٻاءُ ۾ نه اچن اڳين پاڱن ۾ اسين انهن کي تفصيلي بيان ڪنداسين ته اسلام عورتن کي جيڪي مالي حق ڏنا اهن اهي ڪنهن به مذهب نه ڏنا اهن. جيئن ته اسانجو سنڌي معاشرو هندو مذهب جي اثر هيٺ رهيو اهي جنهن ڪري انهن مسلمان هجڻ جي باوجود اسلامي تعليمات تي عمل ناهي ڪيو پر انهن کي انهن حقن کان محروم رکڻ جا ڪيترائي طريقا استعمال ڪيا. سنڌ ۾ جيئن ته اسلام کان اڳ ۾ هندو مذهب رائج هو ۽ اڄ به هتي وڏي تعداد ۾ هندو اباد اهن ۽ انهن جو اثر سنڌي معاشري تي اڄ به غالب اهي، ڪجهه اهڙيون ڳالهيون اهن يا سبب اهن جن جي ڪري هندو مذهب جون رسمون اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ به اسانجي معاشري مان نه نڪري سگهيون. انهن رسمن جي ڪري اسانجون سنڌي عورتون انهن حقن کان اڄ به محروم اهن.

## "عورتن جي حوالي سان سنڌ ۾ لاڳو رسمون

سنڌ ۾ پراڻي دور ۾ مختلف مذهب رائج هئا جهڙوڪ هندو، ٻڌ، جين ۽ سک وغيره جين مت کي موٽ نه ملي جڏهن ته ان جي مقابلي ۾ ٻڌ ۽ هندو مت کي گهڻي موٽ ملي ان کانپوءِ سک مذهب پيدا ٿيو، ليڪن ان جا

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



پيروڪار مجڻ وارا هندو مذهب ۾ ئي شامل اهن، اهڙي طرح ٻڌ مت جا مجڻ وارا به هندو مت جي قانونن تي عمل ڪن ٿا. پاڪستان جي 1998ع جي ادمشماري جي رپورٽ مطابق اسلام کانپوءِ هندو مذهب سنڌ جو ٻيو وڏو مذهب اهي باقي ٻيا مذهب يا ته اسلامي حڪمن ۾ قانونن کي مڃن ٿا يا پوءِ هندو قانون جي پيروي ڪن ٿا .

سن 1989ع جي ادمشماري مطابق مسلمان 31.91 سيڪڙو، هندو 51.6 سيڪڙو ۽ ٻيا مذهب 18.2 سيڪڙو. (9)

## "رسم جو مفهوم اصطلاحي وصفِ:"

لفظ "رسم عربي زمان جو لفظ اهي، رسم واحد ۽ رسوم انجي جمع اهي. جڏهن هي غير عربي ۾ استعمال ٿئي ٿو ته انجي جمع "رسومات" به ڪئي ويندي اهي. مختلف لغت وارن ان جون ڪيتريون ئي معنائون بيان ڪيون اهن عربي لغت ۾ اهي ته"رسم نشان اهي ۽ ڇيو ويو اهي ته جيڪو نشان رهجي وڃي" (10) جامع سنڌي لغات ۾ اهي ته:

ريت جمع ريتون، رسم، راهِ، روايت، هلي چلي، ورتاءُ، هلت، رواج، دستور، سرشتو، ليڪو، ڍنگ، پت، نمونو، طريقو، قائدو، قانون، برتاءُ، چال چلت، تجويز، وضع، طور طريقو، تدبير، ترڪيب، عادت. (11)

وڏيڪ ريت ۽ رسم ٻئي لفظ استعمال ڪرڻ وقت

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



هن طرح معني بيان ڪن ٿا:

ريت رسم جمع رسمون، رسم رواج، هلي چلي، شادي ۾ عورتن جي سونڻ پنڌڻ قائده قانون.(12)

سنڌي زبان ۾ رسم جي لاءِ ريت جو لفظ به استعمال ٿئي ٿو اهڙي طرح ريت ۽ رسم ٻئي هڪ ئي مقصد لاءِ استعمال ڪيا ويندا اهن، ساڳي طرح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهي لفظن لاءِ جيڪا معني استعمال ڪئي اهي تنهن مان مراد اهي ته معاشرتي رسمون اهن جيڪي ڪنهن خاص موقعي تي پنهنجي گذريل تاريخ جي روشني ۾ معاشري اندر هڪ ٻئي سان گڏجي ادا ڪيون وڃن.

ان ڪان علاوه اردو لغت ۾ به رسم جون ڪيتريون ئي معنائون ۽ محاوره بيان ڪيا ويا اهن خاص ڪري ان ۾ هي پنج جزا ملن ٿا.

* (i)ريت، رواج، دستور، (ii)تقريب، جلسو (جيڪو ريت ۽ روايت مطابق هجي) (iii) (مد) منگڻو
* (i) طور طريقو، چال چلت، عادت، (ii) قائدو، قانون، ائين، اصول
* (i) (راند) هڪ راند جو نالو اهي
* رابطو، ميل ميلاپ، تعلق
* (i) نقش نشان (ii) لکت تحرير سوانح
* پگهار، شهرت، وظيفو.(13)
* محاوره اردو لغت ۾ محاوره انهي طرح ٻڌايا ويا

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



اهن،

* رسم وجهڻ : i. رواج يا عادت جي خلاف عمل ڪرڻ دستور يا عام هلت کي ختم ڪرڻ، ii.رواج يا دستور جو ختم ٿيڻ، iii.ڪنهن رسم جي ادا ڪرڻ وقت ختم ٿيڻ.
* رسم ادا ڪرڻ: i. دستور يا رواج مطابق عمل ڪرڻ يا تقريب منعقد ڪرڻ ii. عام طور تي ڪنهن رواج جي دستور تي عمل ڪرڻ .
* رسم ٻڌڻ: ڪنهن طريقي کي رواج ڏيڻ، هلت يا چال قائم ڪرڻ
* رسم بجا آڻڻ: رسم ادا ڪرڻ
* رسم وڌائڻ: ميل جول وڌائڻ تعلقات قائم ڪرڻ
* رسم پوڻ: رواج ٿيڻ
* رسم ٽوڙڻ: طريقي جي خلاف ڪرڻ
* رسم وٺڻ: رواج کي اپنائڻ رواج پوڻ
* رسم حنا بندي: هڪ ڏينهن پهرين ڇوڪري وارا ڇوڪريءَ جي مينڌي جي رسم ادا ڪن ٿا. (14)

## اصطلاحي وصف:

رسم مان مراد اهڙا ڪم اهن جيڪي ڪيترائي دفعا ڪيا وڃن يا دهرايا وڃن، جڏهن اهي ڪم اڪيلو ماڻهو ڪري ته ان کي عادت چوندا اهن ۽ جڏهن سموري قوم ڪري ته ان کي "رسم و رواج" چئبو اهي،

مولانا اشرف علي ٿانوي رحمت الله عليه فرمائن ٿا:

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



رسم صرف هن ڳالهه کي نٿا چون ته جيڪا نڪاح يا تقريب ۾ ڪئي وڃي پر غير لازم شئي کي لازم ڪري وٺڻ جو نالو رسم آهي. چاهي اها تقريب ۾ هجي يا روز مره جي ڪم ڪار ۾ جڏهن ته اها رسم جي نيت هجي ۽ رسم وارن جي طريقي تي ڪريون ته اها رسم ناهي ته حقيقت ۾ ۽ ئي نه صورت ۾ اهو .ئي خاص فرق آهي"(15)

## اهميت:

جيڪڏهن رسمون شرعي طريقي سان ادا ڪيون وڃن ته انهن ۾ وڏا فائدا آهن، تنهنڪري جهڙي طرح مذهبي لحاظ کان پنج وقت نماز حج، عيد نمازون، جمعت المبارڪ جون نمازون وغيره ۾ مسلمانن جو هڪٻئي سان بهتر تعلق پيدا ٿئي ٿو هڪ ٻئي جي حال کان واقفيت ٿئي ٿي اهڙي طرح معاشرتي رسمن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا فائدا جمع آهن،

(i) الله پاڪ جي خوشنودي: ڪجهه اهڙيون رسمون هونديون آهن جن جي ڪرڻ سان الله پاڪ جي رضا ۽ خوشنودي حاصل ٿئي ٿي.

(ii) اسلامي حڪمن جي تڪميل : انهن اسلامي حڪمن جي تڪميل ٿئي ٿي،

(iii) اجتماعيت جو احساس: انفرادي رسمون ادا ڪرڻ وقت هڪٻئي جي احساسن، مسئلن ۽ معاملن جي خبر نٿي پوي، جڏهن ته اجتماعي رسمن وسيلي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



انهن سيني ڳالهين جي خبر پوي ٿي.

(iv) اخوت ۽ محبت: هڪٻئي سان اخوت ۽ محبت، همدردي ۽ مدد جو جذبو پيدا ٿئي ٿو.

(v) مساوات ۽ برابري: سيئي ماڻهو هڪئي رسم ۾ شريڪ ٿي ڪري پاڻ ۾ مساوات ۽ برابري جي وڏي مثال قائم ڪن ٿا ائين لڳندو اهي ته امير ۽ غريب هڪ اهن.

(vi) مسڪينن ۽ غريبن جو احساس: هن ۾ مسڪين، غريب محتاج سيني جو احساس ٿيندو اهي ۽ سيئي ملي ڪري خوشي يا غمي ۾ شريڪ ٿي ڪري پاڻ ۾ هڪجهڙائي ۽ همدردي جو مثال قائم ڪن ٿا. شاهد حسين رزاقي لکن ٿا ته:

هر قوم جي اجتماعي يا انفرادي زندگي ۾ رسم رواج جي وڏي اهميت هوندي اهي ۽ انجو تهذيبي ۽ ثقافت، اخلاق ۽ عادت مذهبي عقيدن ذهني لاڙن ۽ رهڻي ڪهڻي جو تمام گهرو اثر پوي ٿو"(16)

تنهنڪري رسمون ڪنهن ب معاشري جون عڪاس هونديون اهن، انهن سان حقيقي سچاڻ ۽ اگاهي ٿئي ٿي.

## رسم جي تاريخي حيثيت:

تاريخي حوالي سان خبر پوي ٿي ته مختلف قومن، مختلف ملڪن ۽ مختلف مذهب جي ماڻهن يا مڃڻ وارن ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون رسمون گهڻي انداز ۾ ملن ٿيون جيڪي هڪ ٻئي جي مخالف اهن يا هڪٻئي سان ملندڙ

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



جلندڙ اهن ليڪن انهن رسمن تي هلڻ وارا يا حامي پنهنجي خيال ۾ اهو سمجهن ٿا ته اهي جن رسمن تي عمل ڪن ٿا اهي نهايت سٺيون، غير نقصانڪار ۽ ضروري اهن، مثال هندو مئلن کي ساڙيندا اهن ليڪن مسلمان عيسائي ۽ يهودي ان عمل کي مئل جي توهين سمجهن ٿا، پڻ ۽ جين مذهب جا مڃڻ وارا ساهواري جي ساهه ڪڍڻ کي وڏي عذاب جو موجب سمجهن ٿا ليڪن مسلمان ۽ يهودي پنهنجي مذهبي عقيدن ۽ حڪمن مطابق جانور جي قرباني ڪن ٿا. يا ذبح ڪري ضرورت مطابق کائيندا اهن.

## شاهد حسين لکن ٿا ته:

"موجوده معاشري ۾ جيڪي خراب رسمون موجود اهن ٿي سگهي ٿو اهي هن زماني جي حالتن ۾ اڳ ۾ تمام سٺيون ۽ فائدي واريون رهيون هجن، ليڪن اڳتي هلي ڪري حالتن جي تبديل ٿيڻ سان زماني سان تبديل نه ٿيڻ ڪري اهي رسمون بريون ٿي ويون ۽ انهن مان فائدي جي بجاءِ نقصان پهچڻ لڳو"(17)

هن مان معلوم ٿيو ته حالتن مطابق هلندڙ رسمن جو ڪڏهن ڪڏهن جائزو وٺندو رهجي اگر ڪٿي ناجائز يا بريون رسمون جن مان ڪنهن کي مالي يا جذباتي نقصان ٿئي ته انهن رسمن کي تبديل ڪجي ۽ جيڪي سٺيون رسمون هجن انهن کي برقرار رکيو وڃي.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



## رسم جي سماجي ۽ معاشرتي حيثيت:

سنڌ ۾ اسلام جي شروعات ۾ جيڪي رسمون هيون اهي مغلن جي حڪومت ۽ پوءِ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ معاشرتي تبديلي سان تبديل ٿي ويون مغلن اڪبر بادشاه جي دور ۾ دين اڪبري جي بنياد وڌي، جنهن ۾ هندو ۽ مسلم رسمون گڏجي ويون ۽ گهڻو هندو رسمون زور وٺي ويون ۽ پوءِ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ معاشرتي حالتن ۾ تبديلي اچڻ لڳي شهرن ۾ دولت ۾ اضافو ۽ جديد تعليم جي فروغ سان تهذيب و ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻي ۾ وڏي تبديلي ائي ۽ مختلف علائقن جي ماڻهن ۾ ميل ميلا پ۽ شهرن ۾ رهڻ ڪري رسم و رواج ۾ فرق اچڻ لڳو. جڏهن ته ڳوٺن ۾ اهي ئي پراڻيون رسمون برقرار رهيون. چنانچه سنڌ جي ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهن جو رسمون اڄ به اهي ئي اهن جيڪي وڏي عرصي کان هڪ نسل کان ٻي نسل تائين هلنديون اچن ٿيون ليڪن اهڙا ماڻهو جيڪي شهر ۾ وڃي اباد ٿي رهيا اهن انهن جي رسمن ۾ ڪافي تبديليون اچي رهيون اهن، اڄڪلهه جي ميڊيا ۽ ان جي اثرن معاشري ۾ نوان لاڙا پيدا ڪيا اهن .

رسم و رواج تي هلڻ جي لاءِ انهن جي ڀلائي يا برائي تي غور نٿو ڪيو وڃي بلڪي انهن کي اختيار ڪرڻ ۾ انڌي تقليد ڪئي وڃي ٿي ايستائين انجي پابندي جو جذبو حاوي هوندو اهي جو ڪيتريون ئي نقصان وارين رسمن تي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



عمل ڪيو وڃي ٿو، انهن کي ان لاءِ برو نٿو سمجهيو وڃي ڇو ته سمورو معاشرو انجو عادي هوندو اهي، انهن رسمن تي عمل ڪرڻ جي عادت ايتري پختہ هوندي اهي جو غير شرعي رسمن کي ادا ڪرڻ ۾ ڪابه برائي يا رڪاوٽ محسوس نٿا ڪن، جيڪڏهن اسين خوشي يا غم جي رسمن جو جائزو وٺون ته انهن جي اندر ڪيتريون ئي ڪوڙ ساريون رسمون اهن جيڪي انفرادي ۽ اجتماعي طور تي نه فقط خراب نقصانڪار اهن بلڪہ دنيا ۽ اخرت ٻنهي ۾ ذلت و خواري ناڪامي ۽ نامرادي جو سبب اهن.

اهڙي طرح اگر عورتن جي مالي حقن جو جائزو ورتو وڃي ته اهڙيون بہ رسمون اهن جن سان عورتن جا مال حق غضب ٿين ٿا ۽ انهن کي مالي مشڪلاتن ۽ ناانصافي کي منهن ڏٺو پوي ٿو.

تنهنڪري اگر شرعي طور تي معاشري جي انفرادي ۽ اجتماعي رسم و رواج ادا ڪيا وڃن ته انهن سان هڪ ته تاريخي ورثو محفوظ رهي ٿو پيو ته گڏيل ميل جول ڪري هڪ ٻئي جي مسئلن، معاملن ۽ حالتن جي خبر پوي ٿي، وڏيڪ محبت ۽ همدردي مساوات خير خواهي، غريبي ۽ مسڪيني جو احساس ۽ ٻيا ڪيترائي فائدا ملن ٿا.

## رسم جي معاشي حيثيت:

معاشرتي رسمون ادا ڪرڻ لاءِ معاشي اعتبار سان مستحڪم هجڻ تمام ضروري اهي، اگر ڪنهن رسم کي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ادا ڪرڻ لاءِ خرچ جي رقم نہ اهي تہ رسم ڪٿان ادا ٿيندي. مگر هي ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ رسم جي ادائيگي بہ ان وقت جائز ۽ شرعي هوندي جڏهن انجو خرچ بہ حلال ڪمائي مان هجي ورنہ جائز رسم بہ ناجائز ٿي ويندي. جهڙي طرح اڄڪلهہ شادي وغيره ۾ قرض يا وياج وٺي منگڻي جي رسم کان وٺي رخصتي تائين جون رسمون اهڙي طريقي سان ادا ڪري رهيا آهن جهڙي طرح پنهنجو پاڻ کي ڪنگال ڪرڻو اهي اهو صرف ۽ صرف وڏائي ۽ ڏيکاءُ جي ڪري يا ماڻهن جي طعنن کان بچڻ لاءِ ڪيو وڃي ٿو. تنهنڪري پروفيسر شاهد حسين رزاقي لکن ٿا تہ:

"ڪنهن ملڪ جي ماڻهن جي قومي خامين وانگر انهن جي معاشي حالت بہ ڪيترن رسمن کي وجود ۾ آڻڻ ۽ انهن کي پکيڙڻ جو سبب بڻجي وڃي ٿي، معاشي اعتبار کان خوشحال قومن جي رسمن ۾ شان و شوڪت هجي ٿي ۽ دولت جي گهٽائي جي ڪري انهن ۾ ڪيتريون ئي فضول خرچي واريون رسمون بہ پيدا ٿي وڃن ٿيون."(18)

وڌيڪ لکن ٿا تہ:

معاشي حالتن جي ڪري ئي اهستہ اهستہ اهي خراب رسمون ايترو تہ عام ٿي ويون اهن جو ماڻهو انهن کي ضروري خيال ڪرڻ لڳا اهن ۽ جڏهن انهن جي خراب هجڻ جو احساس پيدا ٿئي ٿو تہ انهن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ تمام وڏي جدوجهد ڪرڻي پوندي اهي. (19)

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



تنهنڪري معلوم ٿيو ته هڪ طرف رسم ادا ڪرڻ لاءِ معاشي مضبوطي ضروري اهي ته ٻئي طرف اهو ضروري اهي ته ان معاش کي جائز طريقي سان استعمال ڪيو وڃي“

## رسم جي شرعي حيثيت:

لفظي مفهوم: شرع مصدر اهي ۽ سڌي رستي کي چوندا اهن، فيروز الغات ۾ اهي ته ”شرع سڌو رستو اهي، ائين مذهب، قانون محمدي جيڪو قران جي مطابق هجي. (20) واضح رستي کي شرح يا شريعت چيو ويندو اهي ۽ پوءِ استعاري جي طوري الله جي طريقي لاءِ اهي لفظ چيا ويندا اهن، عرب وارا پاڻي تائين وڃڻ واري رستي کي به شريعت سڏيندا اهن جو ويجهو هجي ۽ صاف نظر ايندو هجي شايد انهي ڪري شاهراھ کي ”شاره“ چوندا اهن.

اصطلاحي وصف: شريعت اصطلاح ۾ طريقي، قانون ضابطي قائدي ۽ ائين کي چوندا اهن، وڌيڪ ان مان مراد اهي حڪم ۽ قانون اهن جيڪي الله تعالي پنهنجي ٻانهن لاءِ نازل ڪيا اهن ۽ انهن جي تعميل جو حڪم ڏنو اهي. حضرت ابن عباس مطابق شريعت اهو رستو اهي جنهن کي قران پاڪ بيان ڪيو اهي، گهڻا عرب وارا چون ٿا ته شريعت انهن حڪمن جو نالو اهي جيڪي الله تعالي پنهنجي ٻانهن لاءِ نازل ڪيا اهن يا انهن کي ڪرڻ جو حڪم رسول الله صلي عليه واله وسلم جن جي سنت مان ثابت هجي. امام ابو حنيفه جي مطابق حڪمن ۾ فرض

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



کي شريعت چئبو اهي، هو سيني نبين جي دين کي يڪسان سمجهن ٿا ليڪن شريعتن جي وچ ۾ فرق ڪن ٿا ۽ فرمائن ٿا ته هر ڪنهن نبي پنهنجي امت کي پنهنجي اندل شريعت تي هلڻ جي هدايت ڪئي ۽ اڳين نبين جي شريعتن تي هلڻ ۽ انهن جي پيروي ڪرڻ کان منع ڪيو. قران ۽ سنت رسول صلي الله عليه واله وسلم جي صورت ۾ جيڪي حڪم نازل ٿيا اهن انهن کي شريعت چيو وڃي ٿو. انهن جي بنياد الله پاڪ جي وحي اهي ۽ اهو الله پاڪ جو عطا ڪيل قانون اهي. ان ۾ انساني راءِ جي ڪابه گنجائش نه اهي. ان جي ادني مخالفت به حرام اهي، چنانچه اسلامي شريعت انهن سيني حڪمن تي مشتمل اهي جن جو تعلق عقيدن، اختلافن عبادتن ۽ معاملن سان اهي.

اسلامي شريعت ۾ اهي سيئي وصفون بي انتها موجود اهن چو ته الله تعالي هن کي دنيا جي اخري ۽ عالمگير شريعت جي طور تي مقرر ڪيو اهي، هن وسيلي اڳيون سب اسماني شريعتون منسوخ ٿي ويون اهن. اهي سيئي ڳالهيون هن ڳالهه جي گهر ڪن ٿيون ته انهن جي مقصدن کي نظر ۾ سامهون رکيو وڃي. چنانچه اسلامي شريعت جا بنيادي مقصد هي اهن ته دنيا ۽ اخرت ۾ ٻانهن جي مصلحتن کي پورو ڪرڻ ۽ نقصان يا فسادن يا براين کي روڪڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ ان کي نازل ڪيو ويو اهي. تنهنڪري هر مسلمان کي شريعت تي عمل ڪرڻ گهرجي. چو ته

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



سموري ڪائنات ۾ سڀ کان ڪامل علم الله پاڪ جو اهي انجو حڪم صاف واضح ھر نقص يا خامي کان پاڪ اهي. سڀ کان وڌيڪ بااختيار اهي، سيني شين ۾ خود موثر اهي ڪابہ ڪيفيت ان تي غالب ناهي. ان لاءِ جيڪو بہ حڪم انجي طرف کان نازل ٿيندو يا ملندو اهو ڪامل ۽ بي خطا هوندو. لهذا شريعت جي هر حڪم ۾ اعتدال ۽ توازن اهي. الله تعالي انسان کي عقل ۽ فطري صلاحيت ڏني اهي جڏهن انهن ۾ ٽڪراءُ پيدا ٿي وڃي تہ اتي شريعت رهنمائي ڪري ٿي ۽ انکي بيچيني ۽ بيقراري کان نجات عطا ڪري ٿي. قران پاڪ ۾ اهي.

”هن (الله) توهان جي لاءِ دين جو اهو طريقو مقرر ڪيو اهي جنهن جو حڪم هن نوح عليہ السلام کي ڏنو هو ۽ جنهن تي اي (محمد صلي الله والہ عليہ وسلم) هاڻي تو ڏي وحي جي ذريعي موڪليو اهي ۽ جنهن جي هدايت اسان ابراهيم عليہ السلام، موسي ۽ عيسي عليہ السلام کي ڏني چڪا اهيون. هن تاڪيد سان تہ قائم ڪريو هن دين کي ۽ ان ۾ ٽولا ٽولا نہ ٿيو.“ (21)

هن ايت ۾ پهرين ڳالهہ هي ٻڌائي وئي اهي تہ نبين جو علم هڪڙو ئي هيو ليڪن شريعتون الڳ هيون. هتي ڪجهہ نبين جو نالو وٺڻ جو مقصد صرف مثال جي طور تي پيش ڪرڻ اهي.

چنانچہ امام ابو حنيفہ سيني نبين جي دين کي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



يڪسان سمجهن ٿا ليڪن شريعتن ۾ فرق ڪن ٿا. اهو به فرمائن ٿا تہ نبي امت کي پنهنجي اندل شريعت تي عمل ڪرڻ يا هلڻ جي هدايت ڪئي، بئي ڳالهه تہ دين جي قائم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو اهي. يعني اگر دين نئون هجي تہ قائم ڪرڻو اهي پر جيڪڏهن پهريان ئي موجود اهي تہ قائم رکڻو اهي. وڌيڪ ان مان مراد دين جي اطاعت تابعداري ۽ نفاذ بہ اهي. ٽئين ڳالهه دين ۾ تفرقہ بازي کان بچڻ بہ اهي. هن سلسلي ۾ مفتي محمد شفيع رحمت الله عليہ لکن ٿا:

”فروعي مسئلن ۾ جتي قران ۽ حديث ۾ واضح حڪم موجود اهي يا قران پاڪ جي ڳالهه سمجهه کان ڪجهه مٿي اهي اتي وقت جي عالمن يعني مجتهدين جو پنهنجي گڏيل فيصلي يعني اجتهاد سان ڪو حڪم صادر ڪرڻ، جنهن ۾ گڏيل اختلاف هجي، ان اختلاف راءِ ۽ نظر جي بنا تي لازمي اهي. ان گڏيل منع ڪيل فرق يا اختلاف سان انجو ڪوبہ تعلق نہ اهي.

اهڙو اختلاف صحابين سڀورن ۾ بہ رسالت واري دور کان هلندو اچي ٿو ۽ اهو فقيهن جي اتفاق سان رحمت اهي“ (22)

مولانا مودودي (رح) دين ۾ تفرقہ سان هي مراد وٺن ٿا تہ ماڻهو پنهنجي طرف کان دين ۾ ڪا نئي ڳالهه يا نرالي ڳالهه ڪڍي اٿي جنهن جي ڪابہ معقول گنجائش هن ۾

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



نہ هجي ۾ پيو اهو اصرار تہ انجي اندل ڳالهہ کي مڃڻ سان ئي ڪفر ۾ ايمان جو مدار اهي. ان انوکي ڳالهہ جي ڪيترائي طريقا ٿي سگهن ٿا.

1. دين ۾ جيڪا ڳالهہ نہ هئي ان کي شامل ڪري.
2. دين ۾ جيڪا ڳالهہ هئي ان کي ڪڍي ڇڏي.
3. دين جي ڳالهين ۾ تبديلي ڪئي وڃي ۾ انجي شڪل مٽائي وڃي مثال طور ڪنهن اهم ڳالهہ تي غير اهم ۾ ڪنهن غير اهم ڳالهہ کي اهم هجڻ جو درجو ڏنو وڃي ايستائين جو مباح کي فرض يا واجب يا انکان بہ اڳتي اسلام جو رڪن بڻايو وڃي.

انهن حرڪتن جي ڪري نبين جي امتن ۾ تفرقو پيدا ٿيو پوءِ اڳتي هلي انهن فرقن جا مذهب يا مسلڪ بلڪل عليحده دين بڻجي ويا. (23)

"اسان توهان منجهان هر امت لاءِ دستور ۾ طريقو ٺاهيو اهي" (24) هن ايت ۾ ٻن قسمن جي رستن جو ذڪر اهي، هڪ اهو رستو جنهن تي الله تعالي هر انسان کي پابند ڪيو اهي تہ انسان ئي انهي رستي تي هلندو اهي، پيو رستو دين جو اهي، جنهن کي الله تعالي مقرر ڪري انسانن کي حڪم ڏنو اهي تہ پنهنجي اختيار سان ان تي هلي، حضرت ابن عباس شريعت مان مراد قران جو ٻڌايل رستو وٺن ٿا ۾ منهاج مان مراد سنت جو ٻڌايل رستو اهي.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



## مولانا مودودي فرمائن ٿا.

”فقط شريعتن جي اختلاف کي هن ڳالهه جي دليل قرار ڏيڻ غلط اهي اهي شريعتون مختلف ماخذن ۽ مختلف سرچشمن مان نڪتل اهن. حقيقت ۾ اهو الله تعاليٰ ئي اهي جنهن مختلف دورن ۾ ۽ مختلف حالتن ۾ ضابطا مقرر ڪيا اهن.(25) ”سيني نبين جو دين هڪ هو ليڪن شريعتون مختلف هيون ايستائين جو جنهن نبي جي امت کي جيڪا شريعت به الله تعالي ڏني هئي اها ان امت لاءِ دين هئي.“(26)

## چنانچه فرمائن ٿا ته:

شريعت جي اختلاف مان مراد اهي انهن جي نقطن ۾ حالتن جي لحاظ کان فرق هو، مثال نماز سيني شريعتن ۾ فرض هئي مگر قبلو هڪ نه هو. انهن جي وقتن ۾ رڪعتن ۾ فرق هو. اهڙي طرح روزا سيني امتن تي فرض هئا ليڪن رمضان جا 30 روزا سيني امتن تي فرض نه هئا.(27)

## صورت شورا جي ايت ۾ اهي ته:

چا انهن لاءِ بيا شريڪ اهن جو انهن راهه ڪڍي اهي انهن لاءِ دين جي جنهن جو حڪم الله پاڪ نه ڏنو اهي.“ (28)

## هن ايت جي روشني ۾ مولانا مودودي لکن ٿا:

”شريڪن مان مراد اهي شريڪ نه اهن جن کان

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ماڻهو دعائون گهرندا اهن يا جن جي اڳيان نظرو نياز ڪندا اهن يا جن اڳيان پوڄا پاٺ جون رسمون ادا ڪن ٿا. بلڪ ان مان مراد اهي انسان اهن جن کي ماڻهن حڪم ۾ شريڪ ڪيو اهي جن جا سيڪاريل خيال، سوچ، عقيدا، نظرين ۽ فلسفي تي ماڻهو ايمان اڻن تا جن جي ڏنل وصفن کي ماڻهو مڃن ٿا جن جا پيش ڪيل اصول تهذيب ۽ ثقافت جي معيار کي قبول ڪن ٿا، جن جي مقرر ڪيل قانونن، طريقن ۽ ضابطن کي پنهنجي مذهبي رسمن ۽ عبادتن ۾، پنهنجي شخصي زندگي ۾، پنهنجي تهذيب ۽ تمدن، ڪاروبار، عدالتن، سياست يا حڪومت ۾ اهڙي طرح اختيار ڪن ٿا ڄڻ ته اها ئي شريعت اهي جنهن جي انهن کي پيروي ڪرڻ کپي." (29)

سيني نبين جو شريعتون عليحده هيون اڳين نبين جون شريعتون منسوخ ٿي ويون، انهي لاءِ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي خود پنهنجي شريعت تي هلڻ جي هدايت ڪئي وئي، مولانا مودودي فرمائن ٿا ته:

"بني اسرائيل علم هجڻ جي باوجود نفسا نفسي سان دين ۾ اهڙا اختلاف پيدا ڪيا ۽ گروهه بنديون ڪيون جو اهي ان قابل نه رهيا ته دنيا کي الله جي رستي ڏانهن سڌي سگهن هاڻي توهان کي انهي دين جي صاف سٽري شاهراهه تي بيهاريو ويو اهي ته جيئن توهان اها خدمت انجام ڏيو، جنهن کي بني اسرائيل ڇڏي چڪا اهن." (30)

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



## قران پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

”انڪانپوءِ اي نبي صلي الله عليه وسلم اسان توکي دين جي معاملي ۾ هڪ صاف شاهراهه (شريعت) تي قائم ڪيو.(31)

تنهنڪري توهان انهي تي هلو“ وڌيڪ فرمايائون ته:

”اڄ مان تنهنجي لاءِ تنهنجو دين مڪمل ڪري ڇڏيو اهي ۽ تو تي پنهنجي نعمت پوري ڪري ڇڏي ۽ مان توهان لاءِ اسلام کي بطور دين پسند ڪيو.“(32)

## مولانا مودودي فرمائن ٿا ته:

دين کي مڪمل ڪرڻ مان مراد ان کي هڪ مستقل فڪر ۽ عمل جو نظام ۽ هڪ اهڙو تهذيب ۽ تمدن جو مڪمل نظام ٺاهڻو اهي جنهن ۾ زندگي جا سڀني مسئلن جو جواب اصولي طور تي يا تفصيلي طور موجود هجي. هدايت ۽ رهنمائي حاصل ڪرڻ لاءِ هر حال ۾ ان کان ٻاهر وڃڻ جي ضرورت پيش نه اچي. (33)

## هڪ ٻي ايت ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته:

۽ جيڪو اوهان کي رسول ڏي اهو وٺي وٺو ۽ جنهن کان توهان کي روڪي ان کان رڪجي وڃو.“(34)

انهن قراني حڪمن کانپوءِ معلوم ٿئي ٿو ته سڀني نبين جو دين هڪ ئي هو ليڪن انهن جون شريعتون الڳ

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



هيون. تنهنڪري شريعت محمدي جي بنياد قران پاڪ اهي انهي لاءِ هاڻي انهي جي مطابق ئي هلڻو اهي نه ئي ڪنهن بي قوم جي پٺيان لڳڻو اهي. يا ڪا نئين ايجاد اٽي اهي. شريعت محمدي صلي الله عليه واله وسلم ۾ بدعتون (نيون ڳالهيون پيدا ڪرڻ):

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي شريعت جا حڪم مڪمل طور تي حديث ۽ سنت جي صورت ۾ واضح ڪيا اهن چنانچه شريعت ۾ ائنده ڪا نئين شي پيدا ڪرڻ يا ڪنهن شريعت تي هلڻ کان منع ناهي ڪيو بلڪه ان جا نقصان به ٻڌايا اهن. انهي سلسلي ۾ ڪجهه حديثون بيان ڪجن ٿيون.

1. جيڪو ماڻهو اسان جي دين ۾ ڪا نئين ڳالهه پيدا ڪري جنهن جو هن دين سان ڪو تعلق نه اهي ته اها ڳالهه مردود اهي.(35)

2. جابر رضي چون ٿا ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن هڪ خطبي ۾ ارشاد فرمايو ته بعد حڪمن جاڻ ڪپي ته بيشڪ سڀ کان بهتر ڪتاب خدا جو ڪتاب اهي سڀ کان ڀلو رستو محمد صلي الله عليه وسلم جن جو رستو اهي ۽ سڀ کان بدترين شيءِ اها اهي (جنهن کي دين ۾ )نئون ڪڍيو ويو هجي ۽ هر بدعت (پنهنجي طرف کان دين ۾ اندل نئين ڳالهه )گمراهي اهي."(36)

مظاهر حق جا مصنف لکن ٿا ته بدعت انهن شين کي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



چئبو اهي جن جو وجود پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ نه هو. بلڪه پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن کانپوءِ مختلف زمان ۾ پيدا ٿينديون رهيون اهن.

بدعت جا ٻه قسم اهن "بدعت حسنه" ۽ بدعت سيئه" اگر اسلام ۾ اهڙيون شيون اندئيون ويون اهن جيڪي اسلامي اصولن ۽ قائدن جي مطابق هجن . قران ۽ حديث جي خلاف نه هجن ته انهن کي "بدعت حسنه" چئبو اهي ۽ جيڪي شيون شريعت جي خلاف هجن. قران ۽ حديث جي برعڪس هجن ته انهن کي بدعت سيئه چئبو .اهي ۽ اها بدعت گمراهي وضلالت ۽ خدا جي رسول جي ناراضگي جو باعث اهي. چنانچه حديث ۾ "ڪل بدعت ضلالت" مان مراد اها ئي بدعت سيئه اهي اهڙي بدعت کان پرهيز ضروري اهي.(37)

حضرت ابن عباس رضي روايت ڪن ٿا ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد مبارڪ اهي ته الله پاڪ وٽ مغضوب (اهي ماڻهو جن تي الله ناراض هجي) ٽي اهن 1 حرم ۾ ڪجروي (بي ديني جون ڳالهيون ) ڪرڻ وارو، 2 اسلام ۾ جهالت واري ڏينهن جي طريقن کي ڳولهڻ وارو، 3 ڪنهن مسلمان جي ناحق خون جو طلبگار ته جيئن انجو خون وهائي.(38)

قطب الدين خان 8921هه کان 9121هه هن حديث جي تفسير هن طرح ڪن ٿا ته:

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



هن حديث ۾ ٽن قسمن جي ماڻهن کي خدا وٽ سڀ کان وڌيڪ اڻوڻندڙ ۽ غضب جو حقدار قرار ڏنو ويو آهي هڪ اهو جنهن کي الله تعالى پنهنجي گهر يعني بيت الله جي سعادت بخشي مگر هو ان جو احترام نٿو ڪري. اتي ويهي غلط ڪم ڪري ٿو. ٻيو اهو شخص جنهن کي الله تعالى ايمان ۽ اسلام جي دولت عطا ڪئي ۽ ان جي دل کي يقين ۽ اعتماد جي روشني سان منور ڪيو مگر هو اسلام ۾ انهن ڳالهين کي پسند ڪري ٿو جيڪي خالص جهالت واري دور جون ڳالهيون ۽ غير اسلامي رسمون هيون جهڙي طرح نوحو ڪرڻ، ڏک ۽ تڪليف وقت سينو پٽڻ، وهم ڪرڻ نوروز ملهائڻ يا اهڙيون رسمون ڪرڻ جيڪي خالص ڪفر جي علامت هجن. (جهڙي طرح ولين جي مزارن تي عرس ڪرڻ، اتي ڏيئا ٻارڻ، انهن جي نالي تي نظر و نياز ڪرڻ، محرم يا شب برات جون غلط رسمون ڪرڻ وغيره.

ٽيون اهو شخص جيڪو ڪنهن مسلمان جو ناحق خون وهائڻ چاهي، يعني ڪنهن مسلمان جي خون وهائڻ جو مقصد فقط خون ريزي هجي. (39)

حضرت جرير رضي کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو جنهن اسلام جو سٺو طريقو اختيار ڪيو ته ان لاءِ اجر آهي ۽ انجو ٻه ثواب آهي جنهن ڪانپوءِ ان تي عمل ڪيو ۽ ان جي اجر ۾ ڪابه ڪمي نه

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ٿيندي ۽ جنهن اسلام ۾ برو طريقو اختيار ڪيو ته ان تي انجو گناهه اهي ۽ انجو به گناه اهي جنهن هن ڪانپوءِ ان تي عمل ڪيو ۽ انهن جا گناهه ڪجهه به گهٽ نه ٿيندا."(40)

بي حديث اهي ته:

"جنهن ڪي بغير علم جي فتوي ڏنو ويو (مسئلو ٻڌايو ويو) ته انجو گناهه فتوي ڏيڻ واري تي اهي." (41)

حضرت حسان رضي فرمائن ٿا ته جيڪي ماڻهو دين ۾ بدعت اختيار ڪندا الله تعالي انهن کان سنت کسي وٺندو پوءِ اهي قيامت تائين ان سنت طرف واپس نه اچي سگهندا.(42)

ابراهيم بن سيره رضي کان روايت اهي ته فرمايو پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ته "جنهن بدعتين جي تعظيم ڪئي ته يقينن ان اسلام کي ڪيرائڻ ۾ مدد ڪئي." (43) انهن حديث مبارڪن مان معلوم ٿئي ٿو ته شريعت محمدي واضح اهي تنهنڪري نه انهن ۾ گهٽتائي يا واڌ ڪئي وڃي ۽ نه ئي ان کي ڇڏيو وڃي ۽ اها شريعت اسانجي وچ ۾ قران ۽ سنت جي صورت ۾ موجود اهي جيڪڏهن ڪو اهڙي حرڪت ڪري ٿو ته اهو دين مان يا ته خارج ٿي وڃي ٿو يا فاسق ۽ گنهگار ٿي وڃي ٿو. اشرف علي ٿانوي فرمائن ٿا ته: الله ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن دين جو سب ڳالهيون قران ۽ حديث ۾ ٻانهن کي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ٻڌائي ڇڏيون اهن هاڻي دين ۾ ڪا نئين ڳالهه پيدا ڪرڻ نيڪ ناهي. اهڙي نئين ڳالهه کي بدعت چئبو اهي ۽ بدعت تمام وڏو گناهه اهي."(44)

## اسلام ۾ رسمون:

انسان کي جن ڳالهين سان خوشي حاصل ٿئي ٿي انهن جي ڪا انتها ناهي، تنهنڪري اسلامي حڪمن (شريعت) ۾ اهڙن ڪجهه موقعن تي خوشي جي نہ فقط اجازت ڏني اهي بلڪہ انهن کي لازمي قرار ڏنو اهي. ليڪن اهڙين سيني حرڪتن کان منع ڪيو اهي جيڪي قران ۽ سنت جي خلاف هجن رسالت واري دور جا هيٺيان واقعات اسان جي لاءِ مثال اهن. عيد جي موقعن تي خوشي جي اظهار جو پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن خود انتظام ڪيو. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جن جو ان مان هي مقصد هو تہ ماڻهو ڪليل نموني خوشي ملهائي سگهن. ان ڏينهن تي ڇوڪرين کي ڳائڻ جي اجازت هئي ۽ حبشي ماڻهو فوجي ڪرتب ڏيکاريندا هئا ۽ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم انهن جي ڪرتبن کي جيڪي نچڻ ۽ نيزو ٽپا ڏيڻ تي مشتمل هئا پسندا ڪندا هئا. هڪ دفعي عيد جي ڏينهن تي اهي ماڻهو کيل تماشو ڪري رهيا هئا تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن اهو تماشو حضرت عائشہ کي بہ ڏيکاريو هو. ان جي متعلق سيد سلمان ندوي لکن ٿا تہ:

"خوشين جي موقعن تي حبشي ناچ پيش ڪندا هئا

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



اصطلاح ۾ انکي تقليس چيو وڃي ٿو جنهن جي معني دف وڄائڻ ڳائڻ تلوار بازي، نيزه بازي ۽ ٻيا کيل تماشا اهن. ڪجهه ماڻهن وٽ انهي جي معني هي اهي ته ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون رستي تي بيهي دهل وڄائي ٽينگ ٽپا ڏين، تماشو ڏيکارين، رسالت جي دور ۾ عيد جي ڏينهن انهي جو ايترو ته رواج هيو جو جڏهن اصحابي سڳورن کي ڪٿي عيد جي ڏينهن انهي خوشي جي اظهار جو طريقو نظر نه ايندو هيو ته انهن کي حيرت ٿيندي هئي اهو ئي سبب اهي جو هڪ دفعي حضرت عياض اشعري جن انبار ۾ عيد ملهائي ته انهن کي فرماياٺون ته جهڙي طرح ماڻهو حضور صلي الله عليه وسلم جن جي دور ۾ تقليس ڪندا هئا اهڙي طرح توهان ڇو نٿا ڪريو.(45)

شادي وهانءُ وغيره جي تقريب ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن ڳائڻ وڄائڻ جي اجازت ڏني اهي. فرمان مبارڪ اهي ته "جائز ۽ ناجائز شادي ۾ فرق دف ۽ اواز جو اهي."(46)

انهن واقعن ۽ مثالن مان دف وڄائڻ ۽ ننڍڙين ڇوڪرين جي ڪيچ ڳائڻ جي اجازت معلوم ٿئي ٿي. چنانچه ان مان اهو جواز قطعي طور تي ناجائز اهي ته تقريبن ۾ دهل وڄايا وڃن، ناچ ڪجي ۽ انهن سان گڏوگڏ ٻيون برائيون به شامل ڪيون وڃن. انهي کان علاوه هي ڳالهه به مد نظر رکجي ته عورتن ۽ مردن جي ميل ميلا پ کي اسلام ۾

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ناپسند ڪيو ويو اهي. پر مردن وانگر عورتن کي پنهنجي ضروري ڪم ڪار لاءِ گهرن کان ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڏني وئي اهي ليڪن ٻنهي لاءِ اهو ضروري ڪيو ويو اهي ته جڏهن اهي هڪٻئي جي سامهون اچي وڃن ته پنهنجيون نظرون جهڪيل رکن.

قرآن پاڪ ۾ اهي ته:

”اي نبي صلي الله عليه وسلم مومنن کي چئو ته پنهنجون نظرون جهڪيل رکن.“(47)

اهڙي طرح عورتن لاءِ به الڳ حڪم ڏنو ويو اهي ته : ” اي نبي صلي الله عليه وسلم مومن عورتن کي چئو ته پنهنجون نظرون جهڪيل رکن.“(48)

انهي مان خبر پوي ٿي ته مرد ۽ عورت پنهنجي پنهنجي حدن ۽ پنهنجي پنهنجي دائري ۾ رهندا. جڏهن ته اسان جي رسمن ۽ تقريبن ۾ هي خيال نٿو رهي ته اسانجون حدون ۽ اسانجو دائرو ڇا اهن؟ انهي سبب ڪري پوءِ ڪيتريون ئي بدعتون ۽ خرافات پيدا ٿين ٿا. تنهنڪري ضروري اهي ته اهڙيون حرڪتون نه ڪجن جن جي اجازت شريعت ۾ ناهي. سنڌي معاشرو ۽ رسمون:

مولانا اشرف علي ٿانوي اهڙي مختلف بدعتن ۽ رسمن کي بيان ڪيو اهي جيڪي مسلمانن جي معاشري ۾ ملن

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ٿيون ۽ شريعت ۾ انهن جو ڪوبہ جواز نہ اهي. فرمائن ٿا تہ: "قبرن تي ڍوم ڍام سان ميلو ڪرڻ، ڏيئا ٻارڻ، عورتن جو اتي وڃڻ چادرون چاڙهڻ پڪيون قبرون اڏڻ، بزرگن کي راضي ڪرڻ جي خيال سان قبرن جي حد کان وڌيڪ تعظيم ڪرڻ قبر کي چمڻ، چٽڻ، خاڪ جسم کي لائڻ قبرن جو طواف ڪرڻ، سجدو ڪرڻ، قبرن طرف منهن ڪري نماز پڙهڻ، مٺائي، چانور يا ڪُتي وغيره ورهائڻ، تعزيہ ٺاهڻ علم رکڻ، حلوو وغيره ورهائڻ علم کي سلام ڪرڻ، ٽيجهو، چاليهو وغيره کي ضرورت سمجهي ڪرڻ، باوجود ضرورت جي عورت جي ٻي نڪاح کي برو سمجهڻ طهور نڪاح، بسم الله وغيره ۾ مالي طاقت نہ هجڻ جي باوجود سيئي خانداني رسمون ڪرڻ، خاص ڪري قرض وٺي ناچ يا راڳ رنگ ڪرڻ، هولي، ديوالي، جون رسمون ڪرڻ، ڏير، سنڌو، مامي، سئوٽ جي سامهون بي ڌڙڪ اچڻ، ڳائڻ وڄائڻ گانا ٻڌڻ پتلين کي نچائڻ ۽ ڏسڻ ۽ انهن تي خوش ٿي انهن کي انعام ڏيڻ شادي ۾ فضول خرچ ڪرڻ هندن واريون رسمون ڪرڻ، گهوٽ کي شريعت جي خلاف پوشاڪ پارائڻ مينڌي هڻڻ اتش بازي ڪرڻ گهر اندر گهوٽ کي سڏائي انجي سامهون اچڻ لڪي ڇپي انکي ڏسڻ عقلمند ۽ سمجهدار سالين جو سامهون اچڻ ان سان ڪل مذاق ڪرڻ وڏائي ۾ اچي حق مهر وڌيڪ' مقرر ڪرڻ ڏک ۾ رڙيون ڪري روئڻ منهن ۽ سينو پٽڻ تڪ ٻڌي سر

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



۾ روئڻ ڇوڪري کي ورثي مان حصو نہ ڏيڻ ڪنهن عورت تي ٿورڙي شبهي تي زنا جي تهمت هڻڻ ڪارو ڪاري جي رقم کي پسند ڪرڻ ناچ ڏسڻ وغيره وغيره. (49)

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ گهڻن مسلمان گهرن ۾ انهن رسمن جو رواج نہ هو، اهي هندو گهراڻن تائين محدود هيون، ايتري تائين جو اڪثر مسلمانن کي انهن رسمن جي ڪابہ خبر نہ هئي. سنڌي معاشري ۾ رسمون ٽن طريقن سان ادا ڪيون وڃن ٿيون.

1 قديم تهذيبن مان ورثل رسمون

2 پنهنجون قومي رسمون

3 اسلامي ۽ شرعي رسمون

بيان ڪيل اهي رسمون هاڻي ملي جلي ويون اهن، ان لاءِ انهن کي تبديل ڪرڻ جو سوچي بہ نٿو سگهجي يا انهن جي اصلاح ڪرڻي اهي. جيئن تہ رسمن کي پوري ڪرڻ ۾ معاشري کي تہ ڏنو ويندو اهي تہ ڪهڙيون ڪهڙيون رسمون پهريان ادا ڪيون ويون اهن تہ جيئن وڏيڪ بهتري اڻڻ ۾ بهتر قدم کنيا وڃن ۽ هي نٿو ڏنو وڃي تہ اهي رسمون ادا ڪرڻ ۾ معاشري جي مجبوري اهي يا ان ۾ شريعت جو ڪو حڪم اهي. جيئن تہ مصيبت گناهہ يا اجر جو ثواب جا ڪم اهي اهن جيڪي معاشري نہ بلڪ شريعت مقرر ڪيا اهن. تنهنڪري انهن کي نظر ۾ رکي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



احتياط سان انهن حالتن مان گذرڻ جي ضرورت اهي.

تمام گهڻا اهڙا گناهه هوندا اهن جن جي طرف اسانجو خيال به نٽو وڃي ۽ اهڙا خطرناڪ هوندا اهن جو عام طور تي عادت ۽ رواج ۾ شامل ٿي وڃن ٿا ڇو ته طبيعتون هري وڃن ٿيون برائي ذهن مان نڪتل هوندي اهي ۽ برائي کي برائي نٽو سمجهيو وڃي پوءِ انهن جي ڇڏڻ جي ڪهڙي اميد رهجي وڃي ٿي. تنهنڪري اهڙي حالت ۾ دل مرده ٿي وڃي ٿو. توبه جي اميد ته پري جي ڳالهه ندامت ۽ پيشماني به محسوس نٿي ٿئي. پروفيسر شاهد رزاقي لکن ٿا ته "مختلف ملڪن کان جيڪي مسلمان هندوستا ايا اهي مذهبي رسمن کان علاوه پنهنجي ملڪ جي رسم و رواج جي پيروي ڪرڻ وارا هئا ۽ هتي اچڻ کانپوءِ اهستي اهستي مقامي رسم و رواج به اختيار ڪرڻ لڳا ۽ هندوستان ۾ جن ماڻهن اسلام قبول ڪيو انهن مسلمان ٿيڻ کانپوءِ به پنهنجون ڪجهه پرائيون رسمون به برقرار رکيون۽ ٻاهر کان ايل مسلمانن جون تمام گهڻيون رسمون به اختيار ڪيون.(50)

انهي مان خبر پوي ٿي ته سنڌ جي معاشري ۾ گهڻيون رسمون هندن مان مسلمانن ۾ رائج ٿيون. تنهنڪري شرعي لحاظ کان جيڪي رسمون جائز اهن انهن کي ڪجهه موقعن تي ڪرڻ تمام ضروري اهي ليڪن غير شرعي رسمن سان هڪ ته گناهه ٿئي ٿو ۽ ٻيو ته ٻين قومن جي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



پيروي ٿئي ٿي. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم پنهنجي دور ۾ سٺين رسمن کي برقرار رکيو ۽ برين رسمن کي مٽائي ڇڏيو.جڏهن ته ڪجهه قديم رسمن ۾اصلاحات ۽ تبديليون به ڪيون. مثال طور نڪاح ۾ جاهليت وارا نڪاح جا سيئي طريقا ختم ڪري ڇڏيا، حج جي موقعي تي ڪعبي جو طواف ۽ جانور جي قرباني واري طريقي جي اصلاح ڪئي.

حضور صلي الله عليه وسلم جن ڪانپوءِ اصحابي سڳورن به انهن رسمن کي قائم ۽ اباد رکيو. جڏهن ته اسلام جي پکڙجڻ وقت جيڪي بريون رسمون هيون ۽ غير اسلامي رسمون هيون انهن ۾ به انهن بهتريون ۽ تبديليون ڪيون جن اڳتي هلي ڪري فقه جي شڪل اختيار ڪئي.

## بحث جو خلاصو:

اسلام عورت کي مالي حق ڏنا اهن جهڙي طرح مرد مالڪ هوندا اهن اهڙي طرح عورتون به ملڪيت رکي سگهن ٿيون ان کي وڪڻي سگهن ٿيون خريد ڪري سگهن ٿيون.اهي مالي حق ان کي ڪمائڻ سان ، واپار ڪرڻ سان، وراثت ۾ مليل ملڪيت مان ۽ مهر ۾ مليل ملڪيت مان حاصل ٿين ٿا انهن ۾ هو مڪمل خرچ ڪرڻ جو حق رکي ٿي انهي جي مقابلي ۾ سنڌ ۾ رائج ٻين مذهبن، هندو مت وغيره ۾ عورتن کي تمام ٿورڙا ملڪيت جا حق ڏنا ويا اهن.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



## حوالا:


1. عمري، جلال الدين سيد، عورت اسلامي معاشري ۾، اسلامڪ پبليڪيشن ڪراچي، ص 78
2. سورت النساء، ايت 32
3. مودودي، ابوالا علي ، پرده ، اسلامڪ پبليڪشن 2010، ص 196 .
4. ايضا، ص 196
5. ثاني، حافظ محمد، تجليات سيرت، فضلي سنز ڪراچي، 1998، ص 229
6. سورت الطلاق ، ايت 1.
7. رفيع الله شهاب، عورتن جي باري ۾ قراني احڪام، دوست اسوي ايٽس، لاهور 1996، ص 41
8. ايضا، ص 134
9. sindh /en.wikipidia.org.wiki/http
10. ابن منظور، لسان العرب دارالاحياءالتراث العربي بيروت لبنان سن 215هه ، ج / 5، ص / 215
11. بلوچ نبي بخش، ڊاڪٽر جامع سنڌي لغات،سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1984، ج/ 3، ص / 2941
12. ايضا، ص 1492
13. اردو لغت، اردو لغت بورڊ (ترقي اردو بورڊ) ڪراچي، 1994، ج/10، ص/ 605
14. اردو لغت، اردو لغت بورڊ (ترقي اردو بورڊ) ڪراچي، 1984، ج/10، ص/ 619، 606
15. ٿانوي، اشرف علي، مولانا، اسلامي شادي، دعا پبليڪيشنز لاهور 2004، ص 181
16. رزاقي، شاهد حسين، پاڪستاني مسلمانون ڪي رسم و رواج، سنگ ميل پبليڪيشنز لاهور ، 1996، ص 12


© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com




17. ايضا ص 23
18. ايضا ص 26
19. ايضا ص 23
20. فيروز الدين، مولوي، فيروزالغات (اردو)، فيروز سنز ڪراچي، ص 840
21. سورت الشوري، ايت 31
22. محمد شفيع، مفتي، معارف القران، اداره المعارف ڪراچي، دارالعلوم ڪراچي 1970، ج 7، ص 679
23. مودودي، ابوالاعلي سيد، مولانا، تفهيم القزان، اداره ترجمان القران، ج1، ص174
24. سورت المائده، ايت 84
25. مودودي، ابوالاعليٰ سيد، مولانا، تفهيم القران، اداره ترجمان القران، ج1، ص174
26. ايضا
27. ايضا
28. سورت الشوري، ايت 21
29. مودودي، ابوالاعلي سيد، مولانا، تفهيم القران، اداره ترجمان القران، ج1، ص174
30. مودودي، ابوالاعلي سيد، مولانا، تفهيم القران، اداره ترجمان القران، ج2، ص90
31. سورت الجاثيه: 18
32. سورت المائده، ايت 3
33. مودودي، ابوالاعلي سيد، مولانا، تفهيم القران، اداره ترجمان القران، ج1، ص444
34. سورت الحشر، ايت 7
35. التبريزي، الخطيب عمري، ولي الدين، محمد بن عبدالله، علامه، مشڪواه المصابيح، المڪتبه الاسلامي دمشق، 1961، ص72


© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com


36. ايضا
37. دهلوي، محمد قطب الدين خان، علامه، مظاهر حق، (شرح مشڪوه، اردو) دارالاشاعت، مارچ 2002، ص 191
38. التبريزي، الخطيب عمري، ولي الدين، محمد بن عبدالله، علامه، مشڪواه المصابيح، المڪتبته الاسلامي دمشق، 1961، ص72
39. دهلوي، محمد قطب الدين خان، علامه، مظاهر حق، (شرح مشڪوه، اردو) دارالاشاعت، مارچ 2002، ص 291
40. التبريزي، الخطيب عمري، ولي الدين، محمد بن عبدالله، علامه، مشڪواه المصابيح، قديمي قطب خانه ڪراچي، 8631، ص72
41. ايضا، ص 53
42. ايضا، ص 13
43. ايضا، ص 72
44. ٿانوي، اشرف علي، مولانا، بهشتي زيور، جهانگير بڪ ڊپو لاهور، ص 30
45. ندوي، سليمان سيد، سيرت النبي ناشران قران لميٽڊ، 1395هه، ص 75
46. ترمذي ابوعيسي، محمد بن عيسي، جامع الترمذي، ڪتاب النڪاح، نور محمد ڪتب خانه، ڪراچي
47. سورت النور، آيت 30
48. سورت النور، آيت 31
49. ٿانوي، اشرف علي، مولانا، بهشتي زيور، جهانگير بڪ ڊپو لاهور، ص 32
50. رزاقي، شاهد حسين، پاڪستاني مسلمانون ڪي رسم و رواج، سنگ ميل پبليڪيشنر لاهور، 1996، ص 26

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



# عورت جو مقام ۽ مرتبو

# سيرت طيبه جي روشني ۾

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالوحيد انڙ

## ABSTRACT

**(Prof: Dr. Abdul Waheed Indhar)**

The Woman has rightly been called the"Better Half" of man. She is a God gifted Creature. She equals rather excels man in various walks of life. The woman has the greatest honour of giving birth and nourishing human beings. If there were no women, you and I were no where. Inspite of all that she had been ignored by the various civilizations before the advent of Islam.

In the olden societies the woman was thought to be a worthless thing she was considered a buarden on the society. She was thought a hindrance for piety. Therefore their priests used to do without marriage for throughout their life. The arabes on the other hand used to bury their female bodies alive because they bring shame and disgrace they thought. The woman had been merely a servant manyfold. She was considered to be a servant of her brother as a girl at home enjoy no or little right of education and

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



nutrition. She was thought to be the servant of her children as a mother paying little heed to her own self and last but not the least was that she was thought as a purchased slave for her husband and a play toy in his hands.

But all the tables turned when the Holy Prophet announce that all men and women are equal in the eyes of ALLAh. A person feeding and educating two daughters would be my neighbour in in paradise, your paradise is at the feet of your mother. Fatim(RA) is the apple of my eyes, serving the mother is better than joining the Jihad, The prophet did not attend an invitation until his beloved wife Hazrat Ayesha(RA) was also invited.

At the end let us own it that the prophet gave a vital place to the woman when he said that the best amongst you is the one who behaves the best with the woman of his family.

حامداوُمصطيااما بعد:

معزز سامعين وقارئين ڪرام....

* تمهيد:

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته انسانيت جي ابتدا ۾ حضرت آدم عليه السلام جي کٻي پاسيري مان پيدا ٿيڻ واري عورت اها مخلوق جنهن تي انساني نسل جي بقا جو دارومدار آهي. دنيا جي مختلف مذهبن ۽ ڌرمن ۾ وڏين ڪوشش جي باوجود اهو مقام ۽ مرتبو حاصل نه ڪري سگهي جيڪو ان کي جڳائي پيو. آسماني تعليمات جي باوجود وڏ ۾ ڪيس مرد جي خدمت گذار جي حيثيت ۾ سڃاتو

© rasailojaraid.com